وڙهي پيون. ايستائين جو ساجد ۽ نويد به اچي پهتا ته اهي به ٻارن جي ڳالهه تي پاڻ ۾ ٽِڪا پئجي ويا.

اها خبر جڏهن پاڙي جي چڱي مڙس کي پهتي ته هن ساجد ۽ نويد کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ٻنهي کي ٿورو پريرو وٺي وجي ڏيکاريائين ته اهي ٻئي ٻار پاڻ ۾ کيڏي رهيا هئا. اهو ڏسي ٻئي ڄڻا حيران ۽ پشيمان ٿيا. تڏهن چڱي مڙس کين چيو ته، ڏسو! ٻار جيڪي پاڻ ۾ وڙهي پيا هئا ۽ هڪٻئي کي ڌڪ به هنيا هئائون، سي وري پاڻ ۾ هڪ ٿي راند ڪري رهيا آهن، اوهان کان ته اهي ٻار چڱا آهن، جيڪي وڙهڻ کان پوءِ به ڳالهه وساري پاڻ ۾ ملي ويا آهن. اوهان کي انهن ٻارن کان سبق سکڻ گهرجي.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. پاڙي ۾ جيڪي ٻه دوست رهندا هئا، انهن جا نالا ٻڌايو.

ج. پاڙي ۾ جيڪي ٻه دوست رهندا هئا، انهن جا نالا ساجد ۽ نويد آهن.

2. ساجد ۽ نويد جي گهر ۾ جهيڙو ڇو ٿيو؟

ج. ساجد ۽ نويد جي گهر ۾ ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو ٿيو.

3. چڱي مڙس احوال ٻڌي، ٻنهي کي ڇا سمجهايو؟

ج. چڱي مڙس کين چيو ته توهان کان ته اهي ٻار به چڱا جيڪي ٿوري دير ۾ ويڙهه وساري هڪ ٿي ويا آهن، توهان کي به انهن ٻارن کان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

4. هن ڪهاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج. هن ڪهاڻيءَ مان اسان کي اها نصيحت ملي ٿي ته پاڻ ۾ ميٺ محبت سان رهڻ گھرجي، جيڪو مسئلو ڳالهين ذريعي حل ٿي سگھي ته ان کي جهيڙي تائين نه پهچائجي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. اسان جنهن سماج ۾ رهون ٿا، انهيءَ مان سهپ ۽ برداشت جڻ ته ختم ٿي وئي آهي.

(i) گھر (ii) ملڪ (iii) سماج ✓

2. سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي ته ”جيڪا ڌُنهن سان چجي، تنهن کي ڪاتي ڪوهه لائجي!“

(i) چوڻي ✓ (ii) ڪهاڻي (iii) واقعو

3. ڪجھ سال پهريان هڪ ڳوٺ ۾ ٻه پاڙيسري رهندا هئا.

(i) مائٽ (ii) پاڙيسري ✓ (iii) بزرگ

4. ساجد جي پٽ کي زور سان چماٽ هنيائين.

(i) ماجد (ii) راشد (iii) ساجد ✓

5. هڪ ڏينهن ساجد ۽ نويد جا ٻار پاڻ ۾ اِٽي ڏڪر راند ڪيڏي رهيا هئا.

(i) ڪرڪيٽ (ii) اِٽي ڏڪر ✓ (iii) فٽبال

## ج هيٺين اصطلاحن کي پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو.

| اصطلاح | معنيٰ |
| --- | --- |
| تِڪا مِنا ٿيڻ | وڙهي پوڻ |

ساجد ۽ نويد پاڻ ۾ تِڪا مِنا ٿي پيا.

| اصطلاح | معنيٰ |
| --- | --- |
| ميٺ محبت سان هلڻ | پيار سان رهڻ |

اسان کي پاڻ ۾ ميٺ محبت سان هلڻ گهرجي.

| اصطلاح | معنيٰ |
| --- | --- |
| ٻاڪاري روئڻ | رڙيون ڪري روئڻ |

نويد جو پٽ ڌڪ لڳڻ سان ئي ٻاڪاري روئڻ لڳو.

## د لفظن جي معنيٰ لکيو، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| سهپ | برداشت |
| جملو | اسين جنهن سماج ۾ رهون ٿا، ان مان جڻ ته سهپ ختم ٿي وئي آهي. |
| چڱو | سٺو/ڀلو |
| جملو | چڱو ڪبو ته چڱو ٿيندو. |
| سماج | معاشرو |
| جملو | سماج کي بهتر بڻائڻ لاءِ پهريان پاڻ کي بهتر بڻائڻ گهرجي. |
| درگذر | نظر انداز |
| جملو | ننڍيون ڳالهيون درگذر ڪرڻ سان مسئلو جهيڙي تائين نه پهچندو آهي. |
| عدالت | انصاف واري جاءِ |
| جملو | بس الله جي عدالت ۾ ئي انصاف آهي. |

سبق 13



# سُورهيه بادشاهه

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سُورهيه | بهادر | فرزند | پُٽ |
| مٿانهون | مٿاچرو | ملڪيتون | جائدادون |
| پاڳارو | پڳ وارو | جنبي | چنبڙي |
| فيض | فائدو | جاکوڙيندو | محنت ڪندو |
| درس | سبق | | |

## خلاصو

”سُورهيه بادشاهه“ 13 صفرسن 1327 هجري مطابق 4 مارچ 1909ع تي خيرپور ميرس جي پرسان پير ڳوٺ ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو سيد محمد صبغت الله شاهه آهي. هن گاديءَ جو سلسلو سندن ڏاڏي سيد محمد راشدرحہ سان، جنهن کي ”روضي ڌڻي“ سڏيندا آهن، ملي ٿو. سيد محمد راشد رحہ جو اولاد راشدي خاندان جي نالي سان سڄي سنڌ ۾ سڃاتو وڃي ٿو.سندن وڏي علي مکي اسلام جي تبليغ لاءِ سنڌ ۾ سيوهڻ لڳ ڳوٺ ”لکي“ ضلعي دادو ۾ رهائش اختيار ڪئي، ان ڪري ”لکياري سادات“ سڏجن ٿا.

پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رحہ وقت جو وڏو اهل الله ٿي گذريو آهي. سندن علم ۽ فيض کي ڏسي لکين ماڻهو سندن مريد ٿيا. اهڙيءَ طرح سندن پڳدار کي ”پاڳارو“ ۽ سندن جماعت کي ”حُر“ سڏجي ٿو.

پير سائين پاڳارو ۽ حُر جماعت سدائين اسلام جي سربلنديءَ لاءِ ڪوشان رهيا آهن. مير ڪرم علي خان ٽالپر جي دؤر ۾ سيد صبغت الله شاهه اول، سکن خلاف جهاد جو اعلان ڪيو. جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ته پير سائين پاڳاري ۽ سندن حُر جماعت هنن خلاف ويڙهه جاري رکي، جنهن ڪري پير سائين پاڳاري ۽ سندن جماعت تي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن آيا، پر تڏهن به آڻ نه مڃيائون.

سورهيه بادشاهه اجان 13 سالن جو هو ته سندس والد شاهه مردان شاهه اول وفات ڪري ويو، ان ڪري پاڻ ننڍي وهيءَ ۾ ئي درگاهه روضي ڌڻيءَ جا سجاده نشين ٿيا. انگريز سرڪار هن ننڍڙي عمر واري پير سائين پاڳاري کي پاڻ ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ خطاب ۽ تلوار جي آڇ ڪئي، پر پاڻ اهو چئي انڪار ڪيائون ته اسان لاءِ "پير پاڳاري" جو خطاب ئي ڪافي آهي. انگريزن کي اها ڳالهه نه وڻي، سو هٿيار رکڻ جي ڪوڙي الزام ۾ 26 مارچ 1930ع کين گرفتار ڪيو ويو. پاڻ 1931ع ۾ جيل اندر هڪ ڪتاب لکيائون، جنهن ۾ آزاديءَ جي شعور بابت وضاحت ڪيائون. بهرحال 1936ع ۾ اهو ڪيس ڪوڙو ثابت ٿيو ۽ پاڻ آزاد ٿي 1937ع ۾ پهرين پار حج لاءِ روانا ٿيا.

پهرين پار ڪان واپس اچي، پنهنجي مريدن کي نيڪيءَ جو درس ڏنائون. گڙنگ بنگلي سانگهڙ کي مرکز بڻائي ڌارين خلاف تحريڪ به شروع ڪيائون، جنهن ڪري 1941ع ۾ کين ٻيهر گرفتار ڪيو ويو. 20 مارچ 1943ع تي کين ڦاسي ڏني ويئي. پهرين جون 1943ع تي جرت جي علائقي ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو ۽ حُرن جو قتل عام ڪيو ويو. ڳوٺن کي باهيون ڏنيون ويو. ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. گڙنگ بنگلي ۽ پيرڳوٺ واري رهائش گاهه کي ڊائنامائيٽ ذريعي ڊانو ويو. ڪيترائي حُر گرفتار ڪيا ويا ۽ کين ڪاري پاڻي يعني "اندمان ٻيٽ" موڪليو ويو.

آخرڪار سندن قربانين جي نتيجي ۾ اسان جو ملڪ جلد

ئي ڏارين جي قبضي مان آزاد ٿيو. پاڪستان سرڪار پير صاحب جي فرزندن کي واپس گهرايو. سندس فرزند سيد شاهه مردان شاهه ثاني 6 فيبروري 1952ع تي گاديءَ تي ويٺو.

## مشق

ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سورهيه بادشاهه جو اصل نالو ٻڌايو؟

ج. **سورهيه بادشاهه جو اصل نالو سيد محمد صبغت الله شاهه آهي.**

2. سورهيه بادشاهه جي گهٽي عُمر هئي جو سندس والد وفات ڪري ويو؟

ج. سورهيه بادشاهه اڃان 13 سالن جو هو تہ سندس والد شاهه مردان شاهه اول وفات ڪري ويو.

3. سورهيه بادشاهه 1931ع ڌاري جيل ۾ ڪهڙو ڪم ڪيو؟

ج. سورهيه بادشاهه 1931ع ڌاري جيل ۾ آزاديءَ تي هڪ ڪتاب لکيو.

4. سورهيه بادشاهه حج ادا ڪرڻ لاءِ مڪي شريف ڪهڙي سال روانا ٿيا؟

ج. سورهيه بادشاهه حج ادا ڪرڻ لاءِ 1937ع ۾ مڪي شريف روانا ٿيا.

## ب لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| بزرگ | وڏو، درويش |
| جملو | سيد محمد راشد روضي ڌڻي وقت جو وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. |
| ويڇا | اختلاف |
| جملو | ماڻهن سورهيه بادشاهه خلاف انگريزن کي غلط رپورٽون ڏنيون ۽ ويڇا وڌندا ويا. |
| سُورهيه | بهادر |
| جملو | سورهيه بادشاهه 4 مارچ 1909ع تي پيدا ٿيو. |
| خطاب | لقب |
| جملو | انگريزن پير سائين پاڳاري کي پاڻ ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ خطاب ۽ تلوار ڏيڻ جي آڇ ڪئي. |
| جماعت | ٽولو |
| جملو | سائين جن حُرُ جماعت سان گڏ انگريزن سان ويڙهه جاري رکي. |

## ج هيٺيان خال ڀريو.

1. سنڌ ڌرتيءَ ڪيترائي بهادر انسان پيدا ڪيا آهن.
2. سُورهيه بادشاهه جيل اندر آزاديءَ تي هڪ ڪتاب لکيو.
3. بهتر موت، ملڪ تان قربان ٿيڻ ۾ آهي.
4. مارچ 1943ع تي قاسي ڏئي ڪري ڪيس شهيد ڪيو ويو.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| غلامي | آزادي | اصل | نقل |
| بهادري | بزدلي | نيڪي | بدي |
| صحيح | غلط | موت | زندگي |

Colourbox

# سارنگ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بادل | ڪَڪَر | مؤجون | لهرون |
| سانوڻ | مينهن جو موسم | ڪٽيون | ڦڙيون |
| اُڀ | آسمان | لڱ | بدن |
| ٻالڪ | ٻار | چؤلو | عضوو |
| ويڇا | اختلاف | ڊاهي | ختم ڪرڻ |

## شعرن جي تشريح

ڊوڙي ڊوڙي بـادل آيا،
سانوَڻ آهن رنگ رچايا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”اياز گل“ ٻارن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته ڊوڙي ڪري بادل آيا آهن ۽ سانوَڻ جي مند ۾ بارش ڪيڏا پيارا رنگ رچايا آهن.

ٽڙيون ٽڙيون مِينهن ڪَٽيون هي،
اُڀَ مان ڪيڏيون تيز ڇٽيون هي،
وَڻ تِـڻ پنهنجا لِڱ پسـايا،
ڊوڙي ڊوڙي بادل آيا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”اياز گل“ ٻارن کي مينهن بابت ٻڌائيندي چوي ٿو ته مينهن ڪيڏو تيزيءَ سان وسي ٿو ۽ مينهن جي پوڻ سان وڻ ٽڻ به ڌوپجي اڇا اجرا ٿي پيا آهن ۽ بادل ڊوڙي

ڪري آيا آهن.

ٻالڪ چوڙلا لاهي ڊوڙيا،
سارا ويچا ڏاهي ڊوڙيا،
گڏجي سڏجي گوڙ مچايا،
ڊوڙي ڊوڙي بادل آيا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”اياز گل“ ٻارن جي سٺي عادت بابت ٻڌائيندي چوي ٿو ته مينهن وسڻ جي خوشيءَ ۾ ٻار پنهنجا چوڙلا لاهي ۽ پنهنجا سمورا اختلاف وساري گڏجي مينهن جي پاڻيءَ ۾ راند ڪن ٿا ۽ خوشيءَ ۾ رڙيون پڻ ڪن ٿا. بادل ڊوڙي ڪري آيا آهن.

هر پاسي جڻ فوجون آهن،
ٻارن جون ته مؤجون آهن،
”ييچ ييچ !“ جا نعرا آيا،
ڊوڙي ڊوڙي بادل آيا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”اياز گل“ ٻارن بابت ٻڌائيندي چوي ٿو ته مينهن ۾ ٻارن کي تمام گهڻو مزو اچي ٿو، تنهنڪري هر پاسي ٻار ڪيڏندي نظر اچن ٿا ۽ مالڪ کي خوشيءَ مان چون ٿا ته اجان وڏيڪ مينهن وساءِ.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. هي نظم ڇاجي باري ۾ چيل آهي؟

ج. هي نظم سارنگ مينهن جي باري ۾ آهي.

2. مينهن ۾ ڪير پنهنجا چوڙلا لاهي ڊوڙيا؟

ج. مينهن ۾ ٻالڪ پنهنجا چوڙلا لاهي ڊوڙيا.

3 بادلن جي اچڻ سان ڇا ٿيندو آهي؟

ج بادلن جي اچڻ سان مينهن وسندو آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1 ساوڻ آهن رنگ ___رڇايا___.

2 وڻ ٽڻ پنهنجا ___لِڳَ___ پسايا.

3 ___ٻالڪ___ چؤلا لاهي ڊوڙيا.

4 هر پاسي جڻ ___فوجون___ آهن.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| بادل | ڪڪر |
| جملو | ڪاري بادل مان مينهن وسندو آهي. |
| اُڀ | آسمان |
| جملو | رات جو اُڀ تي تارا ڏاڍا سهڻا لڳن ٿا. |
| ويڇا | اختلاف |
| جملو | اسان کي ويڇا وساري پاڻ ۾ هڪ ٻئي وجڻ گهرجي. |
| ڊاهي | ختم ڪري |
| جملو | اسان ملڪ خلاف ناهيل غلط منصوبن کي ڊاهي ڇڏينداسين. |
| مؤجون | مزا |
| جملو | عيد ڏينهن ٻارن جون مؤجون هونديون آهن. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد |
|---|---|
| اُڀ | ڌرتي |
| گڏجي | الڳ |
| پسايا | سُڪايا |

| لفظ | ضد |
|---|---|
| ڊاهي | ٺاهي |
| ٻالڪ | جوان |

سبق 15

# ڪورِي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪوري | ڪپڙي جو ڪم ڪندڙ | پورهيت | مزور |
| قديم | پراڻو | ڌنڌو | پيشو، ڪِرت |
| هنر | ڪاريگري | موجود | دستياب |
| پوک | کيتي، ٻني | شوق | چاهه |
| ململ | ڪپڙي جو قسم | واپاري | تاجر |
| ڪاروبار | ڌنڌو، پيشو | منافعو | نفعو، فائدو |
| ريت | طرح | اجورو | معاوضو |

### خلاصو

استاد، شاگردن کي ٻڌايو تہ ڪوريءَ جو ڌنڌو پيڙهين کان هلندو پيو اچي. انهيءَ ڌنڌي تي اهو نالو انهيءَ ڪري پيو آهي، جو اهي ماڻهو ”ڪورو“ ڪپڙو تيار ڪندا آهن. ڪوريءَ جي معنيٰ آهي

”ڪپڙو تيار ڪندڙ“. ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ سنڌ ۾ اهو هنر آڳاٽي زماني ۾ بہ موجود هو. موئن جي دڙي مان بہ ائٽ لڏا ويا آهن. تاريخي ڪتابن مان اها خبر پوي ٿي تہ سنڌ ۾ ڪپهہ جي پوک آڳاٽي زماني ۾ ٿيندي هئي ۽ ڪپهہ مان سُٽ ڪَتي اهڙو تہ عمدو ڪپڙو تيار ڪيو ويندو هو، جو ڏورانهن ڏيهن ۾ بہ پسند ڪيو ويندو هو. قسطنطنيہ ۽ روم جا شهزادا، مصر جون راڻيون ۽ شهزاديون سنڌ جي ململ وڏي شوق سان پهريندڙيون هيون. ان ململ کي ”سُندس“ بہ سڏيو ويندو هو.

عربن جي زماني ۾ انهيءَ هنر اڃان بہ وڌيک ترقي ڪئي. سنڌ جي اُٽت کي عربن، اسپين تائين رسايو. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ انگريز واپاري بہ سنڌ جو ڪپڙو خريد ڪري ٻاهرين ملڪن تائين پهچائيندا هئا ۽ ناڻو ڪمائيندا هئا.

آڳاٽي زماني ۾ ڪورڪي ڪم جو وڏو مان هو، پر هينئر ڪَلون نڪري پيون آهن، جن تي ڪپڙو جلدي تيار ٿيو وڃي، ان ڪري انهيءَ ڪرت کي وڏو ڌڪ لڳو آهي، پر ڪورين پنهنجي ڏنڌي کي نہ ڇڏيو آهي.

## مشق

**١** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سنڌ ۾ وڌيک ڪپڙو ڪهڙن شهرن ۾ نهندو آهي؟

سنڌ ۾ وڌيک ڪپڙو هالا، نصرپور ۽ گمبٽ ۾ نهندو آهي.

2. ڪوريءَ تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

ج انهن جي ڌنڌي جي ڪري اهو نالو پيو، اهي ”ڪورو“ ڪپڙو تيار ڪندا آهن تنهنڪري انهن کي ڪوري سڏيو وڃي ٿو.

3 ڪلهوڙن جي دؤر ۾ انگريز واپاري ڇا ڪندا هُئا؟

ج ڪلهوڙن جي دؤر ۾ انگريز واپاري سنڌ جو ڪپڙو خريد ڪري ٻاهرين ملڪن تائين پهچائيندا هئا.

4 ململ جي ڪپڙي کي ڪير وڏي شوق سان پهريندا هُئا؟

ج ململ جو ڪپڙو قسطنطنيه ۽ روم جا شهزادا، مصرجون راڻيون ۽ شهزاديون شوق سان پهريندڙيون هيون.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1 ڪنهن بہ پورهئي ۾ ___مهٽو___ ناهي.

2 اهي ”ڪورو“ ڪپڙو تيار ڪندا آهن، تنهنڪري انهن کي ___ڪوري___ سڏيو ويو.

3 ___سنڌ___ ۾ ڪپهہ جي پوک بہ قديم زماني ۾ ٿيندي هئي.

4 ___عربن___ جي زماني ۾ انهيءَ هُنر اڃان بہ وڌيڪ ترقي ڪئي.

5 سنڌ جي اُن ___ململ___ کي ”سُندس“ بہ سڏيو ويندو هو.

## ج لفظن جي معنيٰ لکو۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ساراهہ | تعريف |
| جملو | هر وقت الله تعاليٰ جي تعريف ڪرڻ گهرجي. |
| قديم | آڳاٽي |
| جملو | ڪپهہ جي پوک قديم زماني کان ٿيندي اچي ٿي. |

| کِرت | کم |
|---|---|
| جملو | مشينن جي اچڻ ڪري ڪورين جي ڪِرت کي وڏيڪ ڌڪ لڳو آهي. |
| آڳاٽو | گذريل |
| جملو | ڪورڪو ڪم اسان وٽ تمام آڳاٽو ڌنڌو آهي. |
| ساڃاهه | سمجهه |
| جملو | سان کي وقت جي حالات جي ساڃاهه هئڻ گهرجي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| بُرائي | ڀلائي | ونڊڻ | ڏيڻ |
| وڪرو | خريد | ڳنڍڻ | ڇنڻ |
| دوست | دشمن | پسند | ناپسند |

سبق 16

# پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو ڪردار



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تحريڪ | هلچل | جدا | الڳ |
| مطالبو | گهر | اڳواڻي | رهنمائي |
| نامور | مشهور | اڳيرا | اڳتي |
| جدوجهد | ڪوشش | جوڙجڪ | بناوت |
| سپوت | پٽ | صورت | شڪل |
| ضروري | اهم | شرف | عزت |
| هدايتن | نصيحتن | رڳو | فقط |
| منظور | قبول | سنڌ واسي | سنڌ ۾ رهندڙ |

### خلاصو

ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن جي حقن جي حفاظت ۽ آزاد وطن جي قيام ۾ 1906ع واري شملا وفد جو وڏو ڪردار آهي. وفد ان

وقت جي وائسراءِ لارڊ منٽو سان ملاقات ڪئي ۽ ڪانگريس مسلمانن جي ڌار سياسي وجود کي مڃڻ جي گهر ڪئي. ان وفد جي اڳواڻي سنڌ جي هڪ ناميارِي فرزند سر آغا خان ڪئي.

1936ع ۾ سنڌ کي بمبئي کان آزادي ڏيارڻ واري تحريڪ پاڪستان جي حق ۾ پهريون قدم هو. انهيءَ جاکوڙ ۾ سنڌ جا مسلمان سيني کان اڳيرا هئا.

8,9 ۽ 10 آڪٽوبر 1938ع تي سنڌ ۾ مسلم ليگ جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ لاءِ قائداعظم محمد علي جناح، ڪراچيءَ ۾ سنڌ مسلم ليگ جي صدارت ڪئي، جنهن کي ڪراچي ڪانفرنس به سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ سنڌ جي سپوت شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو پيش ڪيل ٺهراءُ پاس ڪيو ويو، جيڪو اڳتي هلي 1940ع واري مشهور ”لاهور ٺهراءُ“ جو بنياد بڻيو هو.

هن ٺهراءَ ۾ سنڌ مسلم ليگ طرفان ڪُل هند مسلم ليگ کي سفارش ڪئي وئي ته آئين جي اهڙي رٿا جوڙين، جنهن هيٺ مسلمانن جي گهڻائيءَ وارا صوبا، ڏيهي مسلمان رياستون ۽ اهي علائقا، جتي مسلمان گهڻا رهن ٿا، پنهنجي وفاق جي شڪل ۾ آزادي حاصل ڪري سگهن.

پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ پهريون ٺهراءُ پيش ڪرڻ جو شرف به سنڌ کي ئي حاصل ٿيو.

سنڌي مسلمانن جي انهيءَ جذبي ۽ خدمتن جي بنياد تي قائداعظم ــ 1938ع واري اجلاس ۾ چيو هو ته سنڌ صوبو، هندوستان جي مسلمانن لاءِ هڪ نمونو ثابت ٿيندو، جو انهن پنهنجي سجاڳيءَ جو ثبوت ڏنو آهي.

سنڌ واسي مسلمانن قائداعظم جي هدايتن تي عمل ڪيو، انهيءَ سان نه رڳو سنڌ ۾ مسلم ليگ جي حڪومت قائم ٿي، پر سنڌ اسيمبليءَ 1943ع ۾ پاڪستان قائم ڪرڻ جي حق ۾ ٺهراءُ به منظور ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ 1947ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو.

# مشق

ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. 1938ع وارو نهراءُ ڪنهن پيش ڪيو هو؟

ج. 1938ع وارو نهراءُ سنڌ جي سپوت شيخ عبدالمجيد پيش ڪيو هو.

2. شملا وفد وائسراءِ لارڊ منٽو سان ملاقات ڪري ڪهڙو مطالبو رکيو؟

ج. آزاد وطن جي قيام ۾ 1906ع جي شملا وفد جو وڏو ڪردار آهي. وفد ان وقت جي وائسراءِ لارڊ منٽو سان ملاقات ڪري مسلمانن جي جدا سياسي وجود مڃڻ جو مطالبو ڪيو.

3. پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ پهريون نهراءُ ڪهڙي صوبي پيش ڪيو؟

ج. پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ پهريون نهراءُ سنڌ صوبي پيش ڪيو.

ب هيٺيان خال ڀريو.

1. هندوستان ڪي ٻن ......وفاقن...... ۾ ورهايو وڃي.
2. شملا وفد جي قيادت ......سرآغا خان...... ڪئي.
3. سنڌ واسين ......قائد اعظم...... جي هدايتن تي عمل ڪيو.
4. سنڌي مسلمانن ......پاڪستان...... جي نهڻ ۾ تمام گهڻيون خدمتون سرانجام ڏنيون.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. ان وفد جي اڳواڻي سنڌ جي نامور شخصيت علامہ اقبال ڪئي.

(i) مولانا عبيد الله سنڌي (ii) علامہ اقبال ✓

(iii) سر آغا خان

2. آڪٽوبر 1938ع تي، سنڌ ۾ مسلم ليگ جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي وئي.

(i) سيپٽمبر (ii) آڪٽوبر ✓ (iii) نومبر

3. انهيءَ نهراءَ ۾ چيو ويو تہ هندوستان کي ٻن وفاقن ۾ ورهايو وڃي.

(i) ٻن ✓ (ii) ٽن (iii) چئن

4. سنڌ واسين قائداعظم جي هدايتن تي عمل ڪيو.

(i) عبدالله هارون (ii) قائداعظم ✓ (iii) لياقت علي خان

5. سنڌ اسيمبليءَ 1943ع ۾ پاڪستان قائم ڪرڻ جي حق ۾ نهراءُ بہ منظور ڪيو.

(i) 1943ع ✓ (ii) 1944ع (iii) 1945ع

## د لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| قيادت | اڳواڻي |
| جملو | شملا وفد جي قيادت سرآغا خان ڪئي. |
| خلوص | سچائي |
| جملو | هر ڪنهن سان خلوص و محبت سان پيش اچڻ گهرجي. |
| نامور | مشهور |
| جملو | علامہ اقبال رح نامور شاعر هو. |
| جدوجهد | ڪوشش |
| جملو | ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن جي جدوجهد ۽ قربانين جي تاريخ ڏکي آهي. |
| اڳيرا | اڳ ۾ |
| جملو | سنڌ کي بمبئيءَ کان آزادي ڏيارڻ ۾ سنڌ جا مسلمان سيني کان اڳيرا هئا. |

سبق 17

# اسين وطن جا مزور هاري



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وطن | ملڪ، ديس | مزور | پورهيت |
| گهتي | ڳلي | پڪار | سڏ |
| ڏڪار | قحط | سُڪار | خوشحالي |
| ساٽيهه | ملڪ | حَسين | سُهڻي، خوبصورت |
| غرور | شان، وڏائي | جيار | جيئڻ جو سبب |
| ٻني | ڪيتي | لُهار | لوهه جو ڪم ڪندڙ |
| ڏنار | مال چاريندڙ | | |

## شعرن جي تشريح

اسين وطن جا مزدور هاري،
خزان ڪدون پيا بهار ٻڻجي،
گهتي گهتي اچ گلن سان واسي،
پکي پکي وئي پڪار ٻڻجي،
اسين وطن جا مزدور هاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”استاد بخاري“ چوي ٿو ته اسين پنهنجي ملڪ جا مزدور ۽ هاري آهيون. اسين بهار ٻڻجي خزان کي ڪدي رهيا آهيون. اج هر گهتي گلن سان واسي پئي آهي. هر هنڌان اها صدا اچي رهي آهي ته اسين وطن جا مزدور ۽ هاري آهيون.

ڏڪار ڏيـهان تـڙي ڇڏيوسين،
سـڪار سـاڻيهه ۾ اچـي ويو،
خوشيءَ ۾ هر دل نچي رهي آ،
”جِئو! جِئو!“ جي تنوار بڻجي،
اسيـن وطـن جا مـزدور هـاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”استاد بخاري“ چوي ٿو ته اسان پنهنجي ديس مان ڏڪار ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ اسان جي ديس ۾ هر پاسي خوشحالي آهي ۽ اسان وٽ هرڪو ماڻهو خوشيءَ مان جهومي رهيو آهي، ۽ چئي رهيو آهي ته اسين پنهنجي وطن جا مزدور ۽ هاري آهيون.

مـتان ڪنوڻ ڪو ڪرو جلائي!
متان ڪڪر ڪو ڳڙو وسائي،
هتان جي هر شيءِ حَسين آهي،
وسو وسو پـر ملهار بڻجي،
اسين وطن جـا مزدور هاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”استاد بخاري“ چوي ٿو ته اسان ڏاڍي محنت ڪئي آهي. ائين نه ٿئي جو ڪِنوڻ ڪِري ۽ اسان جو ڪو ڪرو جلائي يا وري ڳڙو وسي پئي ۽ اسان جو فصل خراب ٿي پئي. اسان جي هر هڪ شيءِ تمام پياري آهي. مِينهن وسي پر اسان جي لاءِ فائديمند ٿي وسي. اسين پنهنجي ديس جا مزدور ۽ هاري آهيون.

مزدور، ڪُڙمي ضرور آهيون،
مـگر وطـن جو غرور آهيون،
جِيُون ٿا جيءَ جا جيار بڻجي،
مَـرون وفـا جـا منـار بـڻجي.
اسـين وطن جا مزدور هاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”استاد بخاري“ چوي ٿو ته يَلي اسان

مزدور، ڪُڙمي ۽ پورهيت آهيون پر پوءِ بہ اسان پنهنجي ديس جو شان آهيون. اسان ٻين جي خوشيءَ لاءِ جيون تا ۽ وفا ڪندي مَرون ٿا. اسين پنهنجي ديس جا مزدور ۽ هاري آهيون.

ڪتي ملن ۾ پگهر وهايون،
ڪتي ٻنين ۾ ڪڙهي ڪمايون،
نِراڙ ساڙيون لُهار ٻڌجي،
ڪَنڌا لتاڙيون ڏنار ٻڌجي،
اسين وطن جا مزدور هاري.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "استاد بخاري" چوي ٿو تہ اسين ڪتي ملن ۾ محنت ٿا ڪريون، تہ ڪتي وري ٻنين ۾ محنت ٿا ڪريون. ڪتي اسان لُهارڪي جو سخت ڪم ٿا ڪريو، تہ ڪتي وري ڏنار ٻڌجي ڪَنڌا ٿا لتاڙيون. اسين پنهنجي ديس جا مزدور ۽ هاري آهيون.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هي نظم ڪهڙي مشهور شاعر جو لکيل آهي؟

ج: هي نظم مشهور شاعر استاد بخاري جو لکيل آهي.

2. اسان خزان ڪهڙيءَ طرح ڪيون ٿا؟

ج: اسان بهار ٻڌجي خزان ڪيون ٿا.

3. مزور ماڻهو جيئندا ۽ مرندا ڪيئن آهن؟

ج: مزور ماڻهو جيءَ جا جيار ٻڌجي جيئندا آهن ۽ وفا جا منار ٻڌجي مرندا آهن.

4. ڏيهہ مان ڏڪار ڪيڻ وارو ڪير آهي؟

ج: ڏيهہ مان ڏڪار ڪيڻ وارو وطن جو مزور هاري آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. اسين وطن جا ___مزور___ هاري
2. سُڪار ___ساٽيهه___ ۾ اچي ويو
3. متان ڪنوڻ ڪو ڪرو ___جَلائي___
4. ___ڪندا___ لتاڙيون ڏنار ٻَڌجي

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڏيهه | وطن |
| جملو | اسان پنهنجي ڏيهه سان تمام گهڻو پيار ڪريون ٿا. |
| سُڪار | خوشحالي |
| جملو | خدا ڪري اسان جي ملڪ ۾ سدائين سُڪار هجي. |
| ملهار | مينهن جو راڳ |
| جملو | ٿري ماڻهو ميگهه ملهار جي ڏهاڙي ئي عيد ملهائيندا آهن. |
| حَسِين | خوبصورت |
| جملو | اسان جي ملڪ جي هر شيءِ حسين آهي. |
| ڪڙهي | پچي/پڱهرجي |
| جملو | مزور مِلن ۾ ڪڙهي ڪمائين ٿا. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| مزدور | مالڪ | خوشي | غم |
| خزانو | پيننگ،مفلسي | مَرڻ | جيئڻ |
| ڏُڪار | سُڪار | خزان | بهار |

سبق 18

# سچل سرمست رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ جو ميلو



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| ليکڪ | اديب | نصيبن | ڀاڳن |
| الله وارو | درويش | سچائي | صداقت |
| مزار | مقبرو | روشني | لاٽ |
| پوئلڳ | عقيدتمند | رستو | راهه |
| مَلهه وڙهڻ | ملاکڙو | مُصوّر | چترڪار |

## خلاصو

حضرت سچل سرمست رحه خيرپور ضلعي جي راڻيپور شهر پرسان ڳوٺ درازن ۾ 1739ع ۾ ڄائو، ۽ 1827ع ۾ وفات ڪئي. سندن آخري آرام گاهه درازن ۾ آهي. سچل سرمست رحه جو اصل نالو عبدالوهاب هو. هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي حق ۽ صداقت جو سنيهو ڏنو آهي. هرسال 14 رضمان المبارڪ تي وڏي

ڏام ڌوم سان ميلو لڳندو آهي، جتي هزارين عقيدتمند اچي حاضري ڀريندا آهن. ميلي جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس به ٿيندي آهي. ان ۾ اديب ۽ شاعر سچل سرمست جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي مقالا پڙهندا آهن. سگهڙن جي ڪچهري به ٿيندي آهي. فنڪار سچل سائينءَ جو صوفياڻو ڪلام پيش ڪندا آهن. شام جو درازن جي ڏاڪٽي ميدان تي ملاڪڙي جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ سنڌ جا مشهور ملھ پھلوان حصو وٺندا آهن. ٻئي ڏينهن يعني 15 رمضان المبارڪ تي خيرپور جي سچل آڊيٽوريم ۾ شام جو ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي آهي. اهڙي طرح انهيءَ شاعريءَ جي محفل سان سچل سرمست جو عرس مبارڪ پڄاڻيءَ تي پهچندو آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه جو اصل نالو ڇا آهي؟

ج حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه جو اصل نالو عبدالوهاب آهي.

2 حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟

ج حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه 1739ع ۾ خيرپور ضلعي جي راڻيپور شهر پرسان ڳوٺ درازن ۾ پيدا ٿيو.

3 ميلي ۾ ڪنهن ڪي ايوارڊ ڏنا ويندا آهن؟

ج ميلي ۾ مقالي نگار، فنڪار، چترڪار ۽ ڪارڪن جا ايوارڊ پڻ ورهايا ويندا آهن.

4. حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه ماڻهن کي ڪهڙي راهه ڏسي؟

ج. حضرت سچل سرمست رحمة الله عليہ ماڻهن کي پنهنجي شاعريءَ سان حق ۽ سچ جي راهه ڏسي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. هِن مِٽيءَ مان سوين ___سالڪ___ پيدا ٿيا آهن.

(i) صاحب (ii) سالڪ ✓ (iii) صالح

2. حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه ___1739ع___ ۾ پيدا ٿيو.

(i) 1739ع ✓ (ii) 1738ع (iii) 1737ع

3. حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه جي وفات ___1827ع___ ۾ ٿي.

(i) 1627ع (ii) 1827ع ✓ (iii) 1927ع

4. سچل سائين جو اصل نالو ___عبدالوهاب___ هو.

(i) عبدالوهاب ✓ (ii) عبدالسلام (iii) عبدالغفار

5. ___سنڌ___ ۾ جتي بہ ميلو لڳندو آهي، اتي ملاڪڙو ضرور ٿيندو آهي.

(i) پنجاب (ii) بلوچستان (iii) سنڌ ✓

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| صداقت | سچائي |

جملو: ڀاڳ واري ڌرتي سدائين حق ۽ صداقت جي خوشبوءِ سان واسيل رهي آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| وفات | گذاري وڃڻ |

جملو: حضرت سچل سرمست جي وفات 1827ع ۾ ٿي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| لاٽ | روشني |

جملو: حضرت سچل سرمست رح انسان ذات کي سچ جي لاٽ ڏيکاري.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| درويش | الله وارو |

جملو: حضرت سچل سرمست رح هڪ درويش انسان هو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| عقيدتمند | پوئلڳ |

جملو: حضرت سچل سرمست جي ميلي ۾ هزارين عقيدتمند حاضري ڀريندا آهن.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| محبت | نفرت | شروعات | اختتام |
| موت | زندگي | اصل | نقل |
| وڏو | ننڍو | انساني | حيواني |

سبق 19



# خاص ٻار

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خاص | اهم | معاشرو | سماج |
| پيدائشي | ڄائي ڄم کان | بيماري | وباء |
| ذهني | دماغي | صلاحيت | طاقت |
| قِسم | نمونو | خصوصي | خاص |
| بندوبست | انتظام | جديد | نوان |
| نظريو | خيال | پراڻو | قديم |
| رائج | جاري | دراصل | اصل ۾ |
| صرف | فقط | مختلف | جدا |
| شفقت | پيار، ڀاڄھ | | |

### خلاصو

اسان جي سماج ۾ ڪي اهڙا ٻار هوندا آهن، جيڪي پيدائشي يا پوءِ ڪن بيمارين سبب ذهني يا جسماني صلاحيتن کان محروم رهجي ويندا آهن، اهڙن ٻارن کي ”خاص ٻار“ چيو ويندو آهي. انهن ٻارن ۾ ڪي ڏسڻ جي صلاحيت کان محروم هوندا آهن ۽ ڪي گونگا يا ٻوڙا هوندا آهن، ته ڪي وري دماغي ۽ جسماني طور تي مفلوج هوندا آهن. اهڙن ٻارن جي تعليم کي ”خصوصي تعليم“ سڏيو وڃي ٿو. انهن کي سيکارڻ لاءِ خاص بندوبست ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ پڙهائيءَ جي نون طريقن کان سواءِ مختلف اوزارن ۽ آوازن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. اڄڪلهه ان تعليم ايتري ترقي ڪئي آهي، جو اهڙا ٻار تعليم پرائي مختلف هنر

سکي معاشري جا ڪارائتا شهري بڻجي سگهن ٿا. هنن ٻارن جي تعليم بہ عام ٻارن جهڙي هوندي آهي، فقط پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جو طريقو مختلف هوندو آهي. خاص تعليم جي استادن کي بہ خاص تربيت ڏني ويندي آهي ۽ ان لاءِ خاص ڪتاب مرتب ڪيا ويندا آهن. اسان جي ملڪ ۾ خاص تعليم جي تربيت لاءِ ڪيترائي ادارا قائم ڪيا ويا آهن.

## مشق

ا هينين سوالن جا جواب لکو.

1 معذور ٻارن کي ڪهڙا ٻار سڏيو وڃي ٿو؟

ج معذور ٻارن کي خاص ٻار سڏيو وڃي ٿو.

2 معذور ٻارن جي تعليم کي ڇا چيو ويندو آهي؟

ج معذور ٻارن جي تعليم کي خصوصي تعليم چيو ويندو آهي.

3 معذور ماڻهن جي لاءِ نوڪرين ۾ ڪيترو حصو رکيل آهي؟

ج معذور ماڻهن جي لاءِ نوڪرين ۾ 2 سيڪڙو ڪوٽا مقرر ڪيل آهي.

4 اسان جي معاشري ۾ اهڙن ٻارن سان ڪهڙو رويو رکيو ويندو آهي؟

ج اسان جي معاشري ۾ اهڙن ٻارن سان نا مناسب ۽ غير ذميوار رويو رکيو ويندو آهي، جنهن سبب اهي ٻار احساس محروميءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. اهڙن ___معذور___ ٻارن کي "خاص ٻار" چئبو آهي.
2. اِن قسم جي خاص ٻارن کي پڻ ___تعليم___ ڏيڻ جو بندوبست هوندو آهي.
3. پڙهائيءَ جي جديد طريقن ڪانسواءِ مختلف ___اوزارن___ ۽ ___آوازن___ جو استعمال ڪيو وڃي ٿو.
4. ___خصوصي___ تعليم ڪو نئون نظريو نہ آهي.
5. خاص تعليم جي استادن کي بہ خاص ___تربيت___ ڏني ويندي آهي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| معاشرو | سماج |
| جملو | اسان جي معاشري ۾ خاص ٻارن سان نامناسب رويو اختيار ڪيو وڃي ٿو. |
| بندوبست | انتظام |
| جملو | خاص ٻارن کي تعليم ڏيڻ جو پڻ بندوبست ڪيو ويو آهي. |
| محروم | نااميد |
| جملو | ٻارَ ڪِن بيمارين سبب ذهني يا جسماني صلاحيت کان محروم ٿي سگهن ٿا. |
| جديد | نئون |
| جملو | جديد سائنس ڏاڍي ترقي ڪئي آهي. |

| نظريو | خيال |
|---|---|

جملو: خصوصي تعليم کو نئون نظريو نہ آهي.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد |
|---|---|
| محبت | نفرت |
| وڌائڻ | گهٽائڻ |
| بيمار | صحتمند |

| لفظ | ضد |
|---|---|
| چڱو | برو |
| نئون | پراڻو |

سبق 20

# صبح نہ آهي دُور ساٿي

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| دُور | پري | ڏک | غم، رنج |
| ساٿي | دوست | ڪَلور | ظلم |
| ڳڻتي | پريشاني | لاپرواهي | غيرذميواري |
| جوش | جذبو | مشڪل | ڏکيائي |
| تڪليف | ڏک، پريشاني | منظور | قبول |
| انڌيرو | اوندھ | مِتجڻ | ختم ٿيڻ |
| رستو | پيچرو | روشن | چمڪدار |
| پائڻ | حاصل ڪر | شخص | انسان |
| عظيم | وڏو | ڀروسو | يقين |
| واءُ | هوا | دستور | اصول |

## شعرن جي تشريح

صبح نہ آهي دور ساٿي،
لَهي ويندا ڏک سُور ساٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ دوست گهبراءِ نہ ضرور نئون صبح ٿيندو ۽ هيءَ ظلم جي رات ختم ٿي ويندي.

اڄ تائين جيڪي سر تي سنا هِن،
سهندي صدما چُپ رهيا هِن،
ختم ٿيندا سي ڪَلُور ساٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ هاڻي تائين جيڪي ڏک سهندا پيا اچن ۽ بيوس ٿي چپ رهيا آهن، انهن جي مٿان بہ ظلم ختم ٿي ويندا.

آڻ نہ دل ۾ ڳڻتي ڪائي،
ڇڏ هاڻي تون لاپرواهي،
جوش سان ٿيءُ پرپور ساٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ ڪائي پريشانيءَ واري ڳالهہ نہ سوچ ۽ لاپرواهي ڪرڻ بہ ڇڏي ڏي، ڪجھ ڪرڻ جو جذبو پاڻ ۾ رک.

هر هڪ مشڪل حل ٿي ويندي،
پوءِ ڪائي تڪليف نہ ايندي،
تيندي دعا منظور ساٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ محنت سان ۽ دعا سان هر هڪ تڪليف ختم ٿي ويندي. الله پاڪ دعائون قبول ڪرڻ وارو آهي.

هر انڌيرو مِٽجي ويندو،
هر هڪ رستو روشن ٿيندو،
عِلم جو پائج نُور ساٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ اي دوست علم جي نُور سان اوندھ ختم ٿي ويندي ۽ هرهڪ رستو روشن ٿي ويندو.

اهو ئي شخص عظيم آ جيڪو،
ڏينهن ۽ رات ڪري محنت ٿو،
محنت سان ٿيءُ چُور ساٿي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ سمجهائيندي چوي ٿو تہ سيني کان اعليٰ شخص اهو آهي، جيڪو ڏينهن، رات محنت ڪري ٿو، تنهن ڪري توهان بہ محنت ڪريو.

رک ”تصور“ خدا تي پروسو،
واءُ نہ لڳندو توکي ڪوسو،
رب جو آ دستُور ساتي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو تہ الله سائينءَ تي ايمان رکڻ وارن کي ڪڏهن بہ نقصان نہ پهچندو آهي، اهو الله پاڪ جو قانون آهي.

## مشق

### (ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. رستي مان انڌيرو ڪيئن مِٽجي ويندو؟

ج. علم جي روشنيءَ سان رستي مان انڌيرو مِٽجي ويندو.

2. عظيم شخص ڪهڙو آهي؟

ج. جيڪو ڏينهن رات محنت ڪري ٿو اهو ئي عظيم شخص آهي.

### (ب) هيٺيان خال ڀريو.

1. ..........صبح.......... نہ آهي دُور ساتي
2. آڻ نہ دِل ۾ ..........ڳِٽي.......... ڪائي
3. عِلم جو پائج ..........نُور.......... ساتي
4. تيندي دعا منظور ..........ساتي..........
5. واءُ نہ لڳندو تو کي ..........ڪوسو..........

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڪَلُور | ظلم |
| جملو | والاريل ڪشمير تي ڏاڍا ڪَلور ٿين ٿا. |
| صَدما | ڏک |
| جملو | ساجد صَدما سهي آخر زندگي گذاري ويو. |
| جوش | جذبو |
| جملو | آزاديءَ جو ڏينهن هر ڪو جوش جذبي سان ملهائي ٿو. |
| انڌيرو | اوندهه |
| جملو | علم جي روشنيءَ سان ئي انڌيرو ختم ڪري سگهجي ٿو. |
| ڀروسو | اعتبار |
| جملو | اللهُ تعاليٰ تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. |

## د هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| دعا | دعائون | محنت | محنتون |
| روشني | روشنيون | رستو | رستا |
| صدمو | صدما | رات | راتيون |

سبق 21

# هٿرادو سيٽلائيٽ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| حرکت ڪندڙ | متحرڪ | غير معمولي ڪم | ڪارنامو |
| ڇڪ | ڪشش | هٿ جي نهيل | هٿرادو |
| تخليق | ايجاد | تابع | ماتحت |
| خاص | مُکيہ | متاڻهون حصو | متاچرو |

## خلاصو

سيٽلائيٽ (اُپگرهہ) جنهن کي مصنوعي سيارو بہ چيو ويندو آهي، انسانن جي بيشمار تخليقي ڪارنامن مان هڪ آهي. ان کي هٿرادو گرهہ بہ چئي سگهجي ٿو. اها هڪ ڦرندڙ مشين آهي ۽ اها ڪنهن وڏي مشين جي حڪم هيٺ هلي ٿي. پهريان سائنسدانن جهاز ذريعي چنڊ تي وڃڻ جو خيال ڪيو، پر جيئن تہ هوا سمنڊ جي متاچري ڪان اٽڪل ٽيرهن ڪلوميٽرن تائين ٿئي ٿي

۽ ان کان مٿي فقط پولار آهي، تنهن ڪري انهن جهازن جو مٿي وڃڻ ناممڪن ٿي پيو، جنهن ڪري سائنسدانن هوائي جهازن ذريعي چنڊ تي وڃڻ جو خيال ڇڏي ڏنو. ان ڪان پوءِ سائنسدانن راڪيٽ ايجاد ڪيو، پر اهو بہ 240 ڪلوميٽرن تائين ۽ ٻِئو راڪيٽ 400 ڪلوميٽرن جي بلنديءَ تائين وڃي ٿي سگهيو. پوءِ بہ سائنسدانن همت نہ هاري ۽ پنهنجون ڪوششون جاري رکيون. نيٺ روس جا سائنسدان هٿرادوگرهہ ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

هاڻي هٿرادو گرهن جا ڪيترائي قسم ايجاد ڪيا ويا آهن، جن مان مکيہ هي آهن:

1. موسمي گرهہ: هي گرهہ ڪڪرن جي ڪارڪردگي ۽ موسم جي تبديليءَ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. اهي گرهہ ڪڪرن ۽ سامونڊي طوفانن جي خبر لهي، زمين جي موسمياتي اسٽيشن ڏانهن موڪليندا آهن، جيڪا وري ماڻهن کي موسم بابت اڳواٽ خبر ڏيندي آهي.
2. مواصلاتي گرهہ: هي گرهہ زمين کان پولار ڏانهن خاص بلنديءَ تي موڪلبا آهن ۽ انهن جي مدد سان ٽيليفون، ٽيلي پرنٽر، ٽليويزن ۽ فيڪس جا پيغام ۽ تصويرون صاف ۽ سٺي نموني ڏسي ۽ ٻُڌي سگهجن ٿا. اڄڪلهہ هڪ نئين نظام ”مواصلاتي صنعت“ ذريعي ڪيبل نظام شروع ڪيو ويو آهي، جنهن ذريعي مختلف پروگرام دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ تائين پهچائڻ جي صلاحيت حاصل ڪئي ويئي آهي. ايتري قدر جو ڪمپيوٽر کي بہ انهيءَ نظام سان ڳنڍي رابطي لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي.
3. رهنما گرهہ: هي گرهہ طوفان ۽ موسم ۽ خرابيءَ واري حالت ۾ هوائي، سامونڊي ۽ پولاري جهازن ۽ آبدوزن جي رهنمائي ڪندا آهن. چنڊ ڏانهن جيڪي پولاري جهاز موڪليا ويندا آهن، انهن جي رهنمائي بہ اهي گرهہ ڪندا آهن.
4. فوجي گرهہ: سيني هٿرادو گرهن ۾ فقط هي گرهہ ئي آهن،

جيڪي انسانن جي تباهيءَ جو سامان فراهم ڪن ٿا. هنن گرهن وسيلي دشمن ملڪن جي زميني ۽ ساموندي فوجن جي تعداد، چرپر ۽ فوجي هٿيارن جي مرڪزن جي خبر پوندي آهي.

5. طبي گرهه: سائنسدانن هنن گرهن جي ذريعي معلوم ڪيو آهي ته زمين تي زندگي ڪڏهن ۽ ڪهڙيءَ ريت شروع ٿي. نقصان پهچائيندڙ جيوڙا، جهڙوڪ: بيڪٽيريا وغيره ڪيئن پيدا ٿيا، ڪٿان آيا ۽ انهن کي ڪيئن ختم ڪجي.

## مشق

ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 هٽرادو گِرهن جا مکيه قسم ڪهڙا آهن؟

ج هٽرادو گرهن جا مکيه قسم هي آهن.

(1) موسمي گرهه (2) مواصلاتي گرهه (3) رهنما گرهه

(4) فوجي گرهه (5) طبي گرهه

2 روس پنهنجو هٽرادو گرهه ڪهڙي نالي سان ۽ ڪهڙي سال پولار ۾ موڪليو؟

ج روس 4 آڪٽوبر 1957ع تي ”اسپيوتنڪ“ نالي 184 پائونڊ وزني هٽرادو گرهه راڪيٽ ذريعي پولار ۾ موڪليو، جيڪو 96 منٽن ۾ ڌرتيءَ جي چوڌاري چڪر لڳائي ٿئي سگهيو.

3 آمريڪا پنهنجو ڪهڙو هٽرادو گرهه ڪهڙي سال پولار ۾ موڪليو؟

ج آمريڪا پنهنجو هٽرادو گرهه ”وئنگارڊ“ نالي 17

مارچ 1958ع ڌاري پولار ۾ موڪليو.

4 مواصلاتي گرهه جو ڪهڙو ڪم آهي؟

ج: مواصلاتي گرهه جي مدد سان ٽيليفون، ٽيلي پرنٽر، ٽيليويزن ۽ فيڪس مشين جا پيغام ۽ تصويرون صاف ۽ سُٺي نموني ٻڌي ۽ ڏسي سگهجن ٿيون. ڪمپيوٽر کي به انهيءَ نظام تحت رابطي لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. زمين تي زندگي ڪڏهن ۽ ڪهڙيءَ ريت <u>شروع</u> ٿي.
2. انهن ذريعي ماڻهن کي موسم جي <u>اڳواٽ</u> خبر ملي ٿي.
3. هٽرادو گرهه جو ڍانچو <u>ايلومينيم</u> جو ٺهيل هوندو آهي.
4. اڄ تائين انسان تمام گهڻا سائنسي <u>ڪارناما</u> ڪيا آهن.
5. چنڊ هڪ <u>قدرتي گرهه</u> آهي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| متحرڪ | حرڪت ڪندڙ |
| جملو | اسپيوتنڪ گرهه کي زمين جي چوڌاري متحرڪ رکڻ لاءِ مشين جي ضرورت آهي. |

| | |
|---|---|
| اڱوات | اڱ ۾ ئي |
| جملو | موسمي گرھ جي ذريعي ماڻھن کي موسم جي اڱوات خبر ملي ٿي. |
| مُکيہ | خاص، اھم |
| جملو | ھٽرادو گرھن مان مواصلاتي گرھ مکيہ قسم آھي. |
| ايجاد | تخليق |
| جملو | ھٽرادو گرھ ھڪ حيرت انگيز ايجاد آھي. |
| ڪشش | ڇڪ |
| جملو | چنڊ تي ڪشش نہ آھي. |

## د ھيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| وزني | ھلڪو | فائدو | نقصان |
| اڱوات | پوءِ | ھٽرادو | مشيني |
| تباھي | آبادي | شروع | ختم |

سبق 22

# ڪارونجهر جا ڪرشما




## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪرشمو | معجزو/ڪرامت | منظر | نظارو |
| ڀاڱي | حصي | سونهن | خوبصورتي |
| وروڪڙ | وڪڙن وارو | مينهوڳي | مينهن جو موسم |
| قيمتي | مهانگو | ماڳ | جڳهه |
| | تفريح | سير ڪرڻ | |

### خلاصو

ٿر جي پارڪر واري حصي ۾ ننگر پارڪر شهر ڏانهن ويندي، ڪنهن خوبصورت وال پوسٽر جهڙي نظر ايندڙ هيءَ چاڪليٽي ٽڪري ”ڪارونجهر“ سڏبي آهي. اٽڪل 26 ڪلو ميٽرن ۾ پنهنجي دهشت پکيڙيندڙ هيءَ ٽڪري ڄڻ سنڌ جو شان آهي. ڪارونجهر ٽڪريءَ جي سڀ کان اتاهين چوٽي 1500 فوٽ مٿي چڙهي وڃي ٿي. ان کي ”صاحب چڱو“ چوندا آهن. انهيءَ چوٽيءَ تي

شروع ۾ هڪ سيمينٽ جو نهيل ٿلهو هوندو هو، جيڪو ان وقت جي انگريز ڪرنل ٽروٽ نهرايو هو. هاڻي اهو ٿلهو ڊهي ويو آهي. سياحت لاءِ ايندڙ ماڻهو انهيءَ ٿلهي تي ضرور چڙهندا آهن، جتان چؤگرد قدرت جا عجيب نظارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ويرا واهه، جيڪو اتان 26 ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي، سو اتان ائين نظر ايندو ڄڻ ٻن، ٽن ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي. ڏکڻ پاسي ڏسبو ته سڄو ڪڇ جو رڻ اجهاڳ سمنڊ وانگر نظر ايندو.

ڪارونجهر جبل جو پٿر، جنهن کي ست رنگو سنگمرمر يا گرينائيٽ چئبو آهي. سو عام طور تي ڪاري رنگ جو آهي. ڪارونجهر ۾ موجود گرينائيٽ جا رنگ ڳاڙهسرا، ڪارسرا، سرمائي، اڇڙا، پورڙا، نيرڙا، سائيرڙا ۽ گلابي آهن. سنگمرمر جو اهو قسم اٽلي ۾ قيمتي آهي.

ڪارونجهر جي هنج ۾ ڪل اٺ حَسين ماٿريون آهن، جيڪي پوڏيسر، ڪاسبو، آڏيگام، گهرٽياري، موندرو، ڪارڙيو ۽ مٺو جي نالن سان سڃاتيون وڃن ٿيون. ڪارونجهر جبل مان ڪل پنج نئيون نڪرن ٿيون. انهن جا نالا گوڙڌڙو، ڀٽياڻي، گهرٽياري، موندرو ۽ ساٻوسڻ آهي. ڪارونجهر جبل ۾ هندن جا ڪيترائي مذهبي آستان آهن، جن ۾ سارڏو، انچلي سر، گئومکي، پوڏيسر، ڀيم ڪن، جهرڻو، ٻاوي يا ٻيسٽو ۽ چندن گڍ وغيره شامل آهن.

ڪارونجهر جبل ۾ جهنگلي جانورن جهڙوڪ: هرڻ، گدڙ، ٻگهڙ، روجهه ۽ مور وغيره وڏي تعداد ۾ ملن ٿا. هتي قسمين قسمين ٻوٽيون پيدا ٿين ٿيون، جيڪي هتان جا رهاڪو دوا طور استعمال ڪندا آهن. جبل ۾ ڪيترن ئي قسمن جا گل ۽ ٻوٽا ٿين ٿا، جن جي رس تي ماکيءَ جون مکيون ماکي ناهن ٿيون. اها ماکي ڏاڍي ڪارائتي آهي.

## مشق

**ا** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڪارونجهر جي ٽڪري ڪٿي آهي؟

ج: ڪارونجهر جي ٽڪري ٿر جي پارڪر واري ڀاڱي ۾ آهي.

2. ڪارونجهر جي اُتانهين چوٽيءَ کي ڇا چئبو آهي؟

ج: ڪارونجهر جي اُتانهين چوٽيءَ کي ”صاحب چڱو“ چئبو آهي.

3. ڪارونجهر جبل ۾ هندن جي مذهبي آستانن جا نالا ٻڌايو.

ج: سرڊرو، انچلي سر، گئو مُکي، پوڊيسر، ڀيم ڪُن، جهرڻو، ٻاوي يا ٻيٺو ۽ چندن گڊ وغيره.

4. ڪارونجهر جبل ۾ رهندڙ جهنگلي جانورن جا نالا ٻڌايو.

ج: هرڻ، گدڙ، چراخ، بگهڙ، روجهه ۽ مور وغيره

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. ”صاحب چڱو“ جبل لسو ۽ رستو ___ورورڪڙ___ آهي.

2. ڪارونجهر جبل سمورو ئي ___سُونهن___ سان ڀريو پيو آهي.

3. اونهاري ۾ ڪڏهن ڪڏهن هِن جبل مان ___زوردار___ آواز ايندا آهن.

4. ڪارونجهر جي هنج ۾ ڪُل ___اَٿ___ حَسِين ماڻريون آهن.

5. سنگ مرمر جو اهو قسم نهايت ___قيمتي___ آهي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| قيمتي | مهانگو |
| جملو | ست رنگو سنگ مرمر نهايت قيمتي آهي. |

| | |
|---|---|
| ماڳ | جڳهه/هنڌ |
| جملو | ڪارونجهر جبل سياحت لاءِ هڪ سٺو ماڳ آهي. |
| تفريح | سير ڪرڻ |
| جملو | ڪيترائي ماڻهو ڪارونجهر تي تفريح لاءِ ايندوآهي. |
| منظر | نظارو |
| جملو | ڪارونجهر جبل تي قدرت جا عجيب منظر ڏسڻ ۾ ايندا آهن. |
| سُونهن | خوبصورتي |
| جملو | ڪارونجهر جبل سمورو ئي سونهن سان ڀريو پيو آهي. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| عام | خاص | ماڻهو | جانور |
| شروع | آخر | سهڻو | بدصورت/ ڪوجهو |
| تعريف | گلا/غيبت | سِڌو | ٽيڏو |

سبق 23

# سکر جو سير



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سهڻو | خوبصورت | ميدا | پَٽ |
| شان | مان، عزت | تفريح | مزو |
| ڄاڻ | عِلم، معلومات | سجايو | ڪم جو |
| نظارو | ڏيک | ماضي | گذريل وقت |
| ٽڪري | جبل | لَھڻ | غروب ٿيڻ |

## شعرن جي تشريح

سنڌ سڄيءَ ۾ ٽيون نمبر،
ڏسو ھي سهڻو شهر سکر!

**سمجھاڻي:** ھن بيت ۾ شاعر ”ادل سومرو“ چوي ٿو ته سکر جو ھي سهڻو شهر سڄي سنڌ ۾ ٽيون نمبر آھي.

”ڪرڙيءَ“ جو ميدان ھِتي،
سنڌوءَ جو وڏ شان ھِتي،
تفريح سان گڏ ڄاڻ پريو،
آھـ سـجـايو ھـيءُ سـفـر،
ڏسو ھي سهڻو شهر سکر!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "ادل سومرو" چوي ٿو تہ سکر جي شهر ۾ ڪرڙيءَ جو ميدان بہ آهي ۽ سنڌو ندي بہ آهي، جنهن جو وڏو شان آهي. ان مان تفريح سان گڏ چاڻ بہ ملي ٿي. سکر جو سفر ڪرڻ سجايو آهي. هي سکر جو سهڻو شهر ضرور ڏسڻ گهرجي.

هِتي معصوم شاهہ جو منارو،
ان تـان ٿئي ٿو خوب نظارو،
ماضيءَ جـو هي منظر پيارو،
پـري ڪـان ايـنـدو آهـي نظر،
ڏسو هـي سهـڻو شهر سکر!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "ادل سومرو" چوي ٿو تہ هتي معصوم شاهہ جو منارو آهي، جتان بيهي شهر جو چڱيءَ طرح نظارو ڪري سگهجي ٿو. هتي ماضيءَ جو تمام پيارو منظر نظر ايندو آهي. پري ڪان سکر جو شهر ڏاڍو سهڻو نظر اچي ٿو.

آدم شاهہ جي ٽڪريءَ چڙهبو،
ساڌ ٻيلي ٻيڙيءَ تي هلبو،
پُل جي پويان هلي ڏسبو،
وچ دريـاهہ ۾ ٻيٽ بکر،
ڏسـو هي سهڻو شهر سکر!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "ادل سومرو" چوي ٿو تہ آدم شاهہ جي ٽڪريءَ تي چڙهبو ۽ ساڌ ٻيلي ڏانهن ٻيڙيءَ تي چڙهي هلبو، پُل پريان هلي ڏسبو تہ وچ درياهہ ۾ بکر جو ٻيٽ نظر ايندو. سکر جو سهڻو شهر ڏسو.

سـج لـهـڻ تـي آهـي هاڻ،
گـهـمڻ هـلون تـا لب مهراڻ،
بئراج ڪان موتي ڏسندا سين،
وچ شـهـر ۾ گـهـنـٽا گـهـر،
ڏسو هي سهڻو شهر سکر!